امير اهل سنت دامت برکاتهم العاليه جي ڪتاب ”فيضان نماز“ جي هڪ قسط بنام

# جمعي جا فضائل

سنڌي

- پهرين صدي ۾ جمعي جو جذبو
- جمعي کان جمعي تائين گناهن جي معافي
- جمعي تي والدين جي قبر تي حاضري جو ثواب
- خطبي جا ٧ مدني گل




شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوت اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **جمعي جا فضائل**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اگهتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي ڪتاب ”فيضان نماز“ جي هڪ قسط بنام

# جمعي جا فضائل

**ترجمو**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# جمعي جا فضائل

**دعاءِ عطار:** ياربّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”جمعي جا فضائل“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي جمعي جي مبارڪ ڏينهن جي صدقي پنهنجي رحمتن سان مالا مال فرما ۽ ان جي بي حساب بخشش فرماءِ.

## جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهڻ جي فضيلت

رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ برڪت نشان آهي: جنهن مون تي جمعي جي ڏينهن ہ سؤ ڀيرا درود شريف پڙهيو ان جي ٻن سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.

(جمع الجوامع جلد7ص199،حديث:22353)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** اسان ڪيڏا نہ خوش نصيب آهيون جو الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي جمعة المبارڪ جهڙي نعمت سان سرفراز فرمايو. افسوس! اسان بيقدرا جمعي شريف کي بہ عام ڏينهن جيان غفلت ۾ گذاري ڇڏيندا آهيون جڏهن تہ جمعو عيد جو ڏينهن آهي، جمعو سَيِّدُالْاَيّام يعني سيني ڏينهن جو سردار آهي، جمعي جي ڏينهن

جهنم جي باھ ناهي ڀڙڪائي ويندي، جمعي جي رات دوزخ جا دروازا ناهن کلندا، جمعي کي قيامت جي ڏينهن ڪنوار جيان اٺاريو ويندو، جمعي جي ڏينهن مرڻ وارو خوشنصيب مسلمان شهيد جو رتبو ماڻيندو ۽ عذابِ قبر کان محفوظ ٿي ويندو آهي. حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فرمان مطابق، جمعي تي حج ٿئي تہ ان جو ثواب ستر (70) حج جي برابر آهي، جمعي جي هڪ نيڪي جو ثواب ستر (70) ڀيرا آهي.

(چو تہ جمعي جو شرف تمام وڏو آهي تنھنڪري) جمعي جي ڏينهن گناھ جو عذاب بہ ستر (70) ڀيرا وڌيڪ آهي.

(مُلخّص از مرأة جلد2 ص336،325،323)

جمعة المبارڪ جي فضيلتن جو ڇا چئجي! الله ڪريم جمعي جي متعلق هڪ پوري سورت "سورة الجمعہ" نازل ڪئي آهي جيڪا قرآنِ ڪريم جي 28 سيپاري ۾ جڳمڳائي رهي آهي. الله رب العزت سُورةُ الجُمُعَہ جي آيت نمبر 9 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ

فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ وَ ذَرُوا الْبَيْعَؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! جڏهن نماز جي آذان ٿي جمعي جي ڏينهن تہ الله جي واسطي ڊڪ پريو ۽ خريد و فروخت ڇڏي ڏيو اهو توهان جي لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو.

## آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم پهريون جمعو ڪڏهن ادا فرمايو

صدر الافاضل حضرت علامہ مولانا سيد محمد نعيمُ الدّين

مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن هجرت ڪري مديني شريف تشريف کڻي آيا تہ 12 ربيع الاول (622ء) سومر جي ڏينهن چاشت جي وقت مقامِ قبا ۾ رڪيا. سومر، اڱارو، اربع، خميس تي هتي قيام فرمايو ۽ مسجد جي بنياد رکي. جمعي جي ڏينهن مديني پاڪ جو عزم (يعني سفر) فرمايو. بني سالم ابن عوف جي وادي وٽ جمعي جو وقت ٿيو ان جڳهہ کي ماڻهن مسجد بڻايو. سيدِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اتي جمعو ادا ڪيو ۽ خطبو ارشاد فرمايو.

(خزائن العرفان ص884)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه اڄ بہ ان جڳهہ تي نهايت عاليشان ”مسجدِ جمعہ“ قائم آهي ۽ زيارتي حصولِ برڪت جي لاءِ ان جي زيارت ڪندا ۽ اتي نفل ادا ڪندا آهن.

## جمعي جي معنٰي

حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي مٽي انهيءَ ڏينهن جمع ٿي ۽ پڻ انهيءَ ڏينهن ماڻهو جمع ٿي نمازِ جُمعہ پڙهندا آهن، انهن سببن جي ڪري ان کي جمعو چون ٿا: اسلام کان پهريان عرب شريف جا رهاڪو ان کي عَرُوبہ چوندا ها.

(مرأة المناجيح جلد2 ص317 ملخصاً)

## سرڪار ﷺ تقريبًا 500 جمعا پڙهيا

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تقريبًا پنج سؤ (500) جمعہ پڙهيا، انڪري جو جمعو

هجرت کان پوءِ شروع ٿيو جنهن کان پوءِ ڏهه (10) سال سندن جي ظاهري حيات شريف رهي ان عرصي ۾ جمعه ايترا ئي ٿين ٿا.

(مرأة المناجيح جلد2ص346، اشعة اللمعات جلد4 ص190 تحت الحديث:1415)

## ٽي جمعا سستيءَ سبب ڇڏي ان جي دل تي مهر

الله جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”جيڪو شخص ٽن جمعن (جي نماز) سستي جي سبب ڇڏي الله پاڪ ان جي دل تي مهر لڳائي ڇڏيندو.“

(ترمذي شريف جلد2 ص38، حديث:500)

جمعو فرضِ عين (يعني جنهن جو ادا ڪرڻ عاقل ۽ بالغ مسلمان تي ضروري) آهي ۽ ان جي فرضيت ظهر کان وڌيڪ مؤڪد (يعني تاڪيدي) آهي ان جو منڪر ڪافر آهي.

(دُرِّمختار جلد3ص5، بهارِ شريعت جلد1ص762)

## امامت جو مصلّو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جمعي جي نماز جي لاءِ اڳوات پهچڻ، پهرين صف ماڻڻ ۽ تڪبيرِاوليٰ جو ثواب ڪمائڻ جو ذهن بنائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جي مدني ماحول کي اپنائي رکو، اچو! ”مدني بهار“ ٻڌو: ڦاليه (پنجاب) جي قريبي علائقي ۾ رهڻ وارو نوجوان اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي سان وابسته ٿيڻ کان اڳ ڊرامه ۽ گنديون فلمون ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻڌڻ جو عادي هو، ان جي چيلهه ۾ سور رهڻ لڳو ته ان جو گناهن ڀريو علاج شراب پيئڻ ۾

ڳوليو. نماز پڙهڻ تہ رهيو پري پر ان کي نماز پڙهڻ جو درست طريقو تائين معلوم نہ هيو، پر ان جو ضمير ان کي ملامت ڪندو رهندو هو تہ مسلمان تي ڪري مونکي نماز پڙهڻ نٿي اچي. ايتري ۾ دعوتِ اسلامي جو هڪ مبلغ انهن جي ورڪشاپ جي دڪان تي ڪم ڪرڻ جي لاءِ ملازم ٿيو تہ ان کي مبلغِ دعوتِ اسلامي جو عمامو، ڏاڙهي ۽ سنت تي عمل ڪرڻ تمام گهڻو پسند آيو تہ اهو نوجوان عام ماڻهن کان ڪيترو مختلف آهي! اسلامي ڀاءُ جي صحبت جو رنگ چڙهڻ لڳو ۽ اهو ان کي بہ ترغيب ڏئي نماز جي لاءِ مسجد ۾ وٺي ويندو هو. رمضان جو مهينو آيو تہ مبلغِ دعوتِ اسلامي جي ترغيب تي انهن عاشقانِ رسول سان گڏ اعتڪاف ڪيو، گناهن کان توبہ ڪئي ۽ عيد جي موقعي تي ٽن ڏينهن جي قافلي ۾ سفر بہ ڪيو. اعتڪاف ۾ اهو دعوتِ اسلامي جي رنگ ۾ رنگجي ويو پوءِ 41 ڏينهن جو مدني قافلہ ڪورس بہ ڪيو، بعد ۾ ذهن بڻيو تہ 12 مهينن جي مدني قافلي ۾ بہ سفر ڪيائين، آخرڪار امامت ڪورس ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ مسجد ۾ امامت جي مصلي تي فائز ٿيو. ان جي وسيلي سان دعوتِ اسلامي جون مدني برڪتون گهر وارن کي بہ مليون ۽ اَلحَمدُلِلّٰه گهر ۾ مدني ماحول بڻجي ويو.

اِنْ شَآءَاللّٰه بھائی سدھر جاؤ گے　　مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

مرضِ عصیاں سے چھٹکارا تم پاؤ گے　　مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائل بخشش (مرمم) ص- ۶۴۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جمعي جي عمامي جي فضيلت

رحمت عالم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ گرامي آهي: ”بيشڪ اللّٰه پاڪ ۽ ان جا ملائڪ جمعي جي ڏينهن عمامو ٻڌڻ وارن تي درود موڪليندا آهن.“

(مجمع الزوائد جلد2ص394،حديث:3075)

## اللّٰه پاڪ ۽ ملائڪن جي درود موڪلڻ جي معنٰي

اي عاشقانِ نماز! بيان ڪيل حديثِ پاڪ ۾ اللّٰه پاڪ ۽ ان جي ملائڪن جو جمعي جي ڏينهن عمامو شريف ٻڌڻ وارن تي درود شريف موڪلڻ جو ذڪر آهي ياد رهي تہ هن مان معروف درود شريف مراد ناهي بلڪ اللّٰه پاڪ جو پنهنجي ٻانهن تي درود شريف موڪلڻ جو مطلب آهي رحمت نازل فرمائڻ ۽ ملائڪن جي درود موڪلڻ جو مطلب آهي استغفار ڪرڻ (يعني مغفرت طلب ڪرڻ).

(فتح الباري جلد12ص131)

## هڪ جمعو 70 جمعن جي برابر

حضرت سيدنا ابن عُمر رَضِيَ اللّٰه عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: عمامي سان هڪ جمعو بنا عمامي جي ستر جمعن جي برابر آهي.

(جامع الصغير ص314، حديث5101 مختصراً)

## شفا داخل ٿيندي آهي

حضرت سيدنا عبداللّٰه بن مسعود رَضِيَ اللّٰه عَنْهُ فرمائن ٿا: ”جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجا ننهن ڪٽيندو آهي اللّٰه پاڪ ان

مان بيماري ڪڍي شفا داخل ڪري ڇڏيندو آهي.“

(قوت القلوب جلد1 ص119)

## ڏهه ڏينهن تائين بلائن کان حفاظت

حضرت مولانا امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله پاڪ ان کي ٻئي جمعي تائين بلائن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهن ڏينهن تائين. هڪ روايت ۾ هي به آيو آهي ته جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽرائي ته رحمت ايندي گناهه ويندا.

(بهارِ شريعت حصه 12 ص226، درمختار و رد المحتار جلد9 ص668 کان669)

## رزق ۾ تنگيءَ جو هڪ سبب

حضرت علامه مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهي، ها وڌي ويا هجن ته جمعي جو انتظار نه ڪيو جو ننهن وڌڻ سهي ناهي ڇوجو ننهَن جو وڌڻ رزق ۾ تنگي جو سبب آهي.

(بهارِ شريعت حصه 12ص225)

## ملائڪ خوش نصيبن جا نالا لکن ٿا

حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ گرامي آهي ”جڏهن جمعي جو ڏينهن ايندو آهي ته مسجد جي دروازن تي ملائڪ اچڻ وارن کي لکندا آهن، جيڪو پهريان اچي ان کي پهريان لکندا آهن، جلدي اچڻ وارو شخص ان شخص وانگر آهي جيڪو الله پاڪ جي راهه ۾ هڪ اُٺ خيرات ڪندو آهي، ۽ ان کانپوءِ اچڻ وارو

اُن شخص جيان آهي جيڪو هڪ ڳئون صدقو ڪندو آهي، ان ڪانپوءِ اچڻ وارو ان شخص جي مثل آهي جيڪو گهيٽو صدقو ڪري، پوءِ ان ڪان پوءِ اچڻ وارو ان شخص جي مثل آهي جيڪو ڪڪڙ صدقو ڪري، پوءِ ان جي مثل آهي جيڪو آنو صدقو ڪري ۽ جڏهن امام (خطبي جي لاءِ) ويهي رهندو آهي ته اهي (يعني ملائڪ) اعمالنامي ڪي ويڙهي ڇڏيندا آهن ۽ اچي خطبو ٻڌندا آهن.

(بخاري شريف جلد1 ص319، حديث:929)

**شرح حديث:** حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪجهه عالمن فرمايو ته ملائڪ جمعي جي ڏينهن فجر طلوع ٿيڻ کان وٺي بيهي رهندا آهن، ڪجهه عالمن جي ويجهو(سج ڪني ڪڍڻ) کان وٺي، پر مضبوط قول اهو آهي ته ظهر جي ابتدائي وقت کان وٺي بيهڻ شروع ٿيندا آهن ڇوته انهيءَ وقت کان جمعي جو وقت شروع ٿئي ٿو، هن مان اها به خبر پئي ته ملائڪن کي سيني اچڻ وارن جي نالن جي خبر آهي، خيال رهي ته جيڪڏهن اڳ ۾ سؤ (100) ماڻهو هڪڙي ئي وقت مسجد ۾ آيا ته اهي سڀ اڳ ۾ اچڻ واري لسٽ ۾ لکيا ويندا.

(مرأة المناجيح جلد2ص335)

## پهرين صدي ۾ جمعي جو جذبو

حضرت سيدنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پهرين صدي ۾ سحري جي وقت ۽ فجر ڪانپوءِ روڊ ماڻهن کان پريل ڏٺا ويندا هئا، اهي ڏيئو کڻي (جمعي جي نماز جي

لاءِ) جامع مسجد جي طرف روانا ٿيندا ها جڻ عيد جو ڏينهن هجي، ايسيتائين جو جمعي جي نماز جي لاءِ جلدي وڃڻ جو سلسلو ختم ٿي ويو. پوءِ انهيءَ کري چيو ويو تہ اسلام ۾ جيڪا پهرين بدعت ظاهر ٿي اها جامع مسجد جي طرف جلدي وڃڻ ڇڏي ڏيڻ آهي. افسوس! مسلمانن کي يهودين کي ڏسي ڪهڙي طرح بہ شرم نٿو اچي جو يهودي پنهنجين عبادت گاهن جي طرف ڇنڇر ۽ آچر تي صبح سويري قطارون ڪري پيا ويندا آهن. پڻ دنيا جي ڪمائي چاهڻ وارا واپار جي لاءِ ۽ دنياوي نفعو حاصل ڪرڻ جي لاءِ صبح سويري اتي بازارن جي طرف ڊوڙي پوندا آهن تہ آخرت جي طلب ڪرڻ وارا انهن سان مقابلو ڇو نٿا ڪن!

(احياءَ العلوم جلد1 ص246)

## غريبن جو حج

صحابي ابن صحابي حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہ عَنۡھُمَا کان روايت آهي تہ سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اَلۡجُمُعَةُ حَجُّ الۡمَسَاكِيۡن يعني ”جمعي جي نماز مسڪينن جو حج آهي.“ ۽ ٻئي روايت ۾ آهي تہ اَلۡجُمُعَةُ حَجُّ الۡفُقَرَاء يعني ”جمعي جي نماز غريبن جو حج آهي،“

(جمع الجوامع جلد4 ص84، حديث:11108 کان11109)

## جمعي جي لاءِ جلدي نڪرڻ حج آهي

الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”بيشڪ توهان جي لاءِ هر جمعي جي ڏينهن هڪ حج ۽ هڪ عمرو

موجود آهي، لهٰذا جمعي جي نماز جي لاءِ جلدي نڪرڻ حج آهي ۽ جمعي جي نماز ڪانپوءِ عصر جي نماز جي لاءِ انتظار ڪرڻ عمرو آهي.

(السنن الڪبريٰ للبيهقي جلد3 ص342، حديث:5950)

## حج ۽ عمري جو ثواب

حضرت سيدنا محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (جمعي جي نماز ڪانپوءِ) عصر جي نماز پڙهڻ تائين مسجد ئي ۾ رهو ۽ جيڪڏهن مغرب تائين ترسيا تہ افضل آهي. چيو ويو آهي تہ جنهن جامع مسجد ۾ (جمعو ادا ڪرڻ ڪانپوءِ اتي ئي رڪي) عصر جي نماز پڙهي ان جي لاءِ حج جو ثواب آهي ۽ جنهن (اتي ترسي) مغرب جي نماز پڙهي ان جي لاءِ حج ۽ عمري جو ثواب آهي. (احياءَ العلوم جلد1 ص249) جتي جمعو پڙهيو ويندو آهي ان کي”جامع مسجد“ چوندا آهن.

## سمورن ڏينهن جو سردار

اسان گنهگارن جي شفاعت فرمائڻ واري مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جمعي جو ڏينهن تمام ڏينهن جو سردار آهي ۽ الله پاڪ جي ويجهو سڀ کان بلند رتبي وارو آهي ۽ اهو الله پاڪ جي ويجهو عيدُالاَضحٰي ۽ عيدُ الْفِطْر کان بہ رتبي ۾ بلند آهي. ان جون پنج خصوصيتون آهن. (1) الله پاڪ انهيءَ ڏينهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي پيدا فرمايو ۽ (2) انهيءَ ڏينهن زمين تي لاٿو ۽ (3) انهيءَ ڏينهن ان کي وفات ڏني ۽ (4) ان ۾ هڪ گهڙي اهڙي آهي جو ٻانهو ان وقت جنهن شيءِ

جو سُوال ڪندو هُو ان کي ڏيندو جيسيتائين حرام جو سوال نہ ڪري، ۽ (5) انهيءَ ڏينهن قيامت قائم ٿيندي. ڪو بہ مقرب ملائڪ ۽ آسمان ۽ زمين ۽ هوا ۽ جبل ۽ درياء اهڙو ناهي جيڪو جمعي جي ڏينهن کان نہ ڊڄندو هجي.

(ابن ماجه جلد2 ص8، حديث: 1084)

## جانورن جو خوفِ قيامت

هڪ روايت ۾ آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو بہ فرمايو تہ ڪوبہ جانور اهڙو ناهي جيڪو جمعي جي ڏينهن صبح جي وقت سج نڪرڻ تائين قيامت جي خوف کان رڙيون نہ ڪندو هجي. سواءِ انسان ۽ جن جي.

(مؤطا امام مالڪ جلد1ص115، حديث:246)

## دعا قبول ٿيندي آهي

سرڪارِ مڪہءِ مڪرمہ، سردارِ مدينہءِ منوره صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: جمعي ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي جو جيڪڏهن ڪو مسلمان ان کي ماڻي ان وقت الله پاڪ کان ڪجھ گهري تہ الله پاڪ ان کي ضرور عطا فرمائيندو ۽ اها گهڙي تمام مختصر آهي.

(مسلم شريف ص424، حديث:852)

## عصرءِ مغرب جي وچ ۾ ڳوليو

حضور پرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جمعي جي ڏينهن جنهن گهڙيءَ جي تمنا ڪئي ويندي آهي ان کي عصر کان پوءِ سج لهڻ تائين ڳوليو.

(ترمذي شريف جلد2 ص30، حديث:489)

## صاحب بهارِ شريعت جو ارشاد

حضرت مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: دعا جي قبولجڻ جي وقتن جي باري ۾ ٻه مضبوط قول آهن: (1) امام جو خطبي جي لاءِ ويهڻ کان نماز ختم ٿيڻ تائين. (2) جمعي جو پويون (يعني آخري) وقت.

(بهارِ شريعت جلد1 ص754)

**حڪايت:** حضرت سيّدَتُنا فاطِمَةُ الزَّهْراء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ان وقت پاڻ حجري ۾ ويهنديون ۽ پنهنجي ٻانهي فِضَّہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کي ٻاهر بيهارينديون هيون، جڏهن سج لهڻ لڳندو هو تہ خادمہ سندن کي خبر ڏيندي هئي، ان خبر تي سيده پنهنجا هٿ دعا جي لاءِ کڻنديون هيون. (مرأة المناجيح جلد2 ص320) بهتر اهو آهي ان وقت (ڪا) جامع دعا گهري جيئن هيءَ قرآني دعا:

رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿٢٠١﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي اسان جا پالڻهار! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ کان بچاءِ.

(سيپارو2، سورة بقره:201)(مرأة المناجيح جلد2 ص325)

دعا جي نيت سان درود شريف بہ پڙهي سگهو ٿا تہ درود پاڪ بہ عظيم الشان دعا آهي.

## هر جمعي تي هڪ ڪروڙ 44 لک جهنم کان آزاد

سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جمعي جي ڏينهن رات ۾ چوويهہ ڪلاڪ آهن ڪوبہ ڪلاڪ اهڙو ناهي جنهن ۾ الله پاڪ جهنم کان ڇهہ لک ماڻهن کي آزاد نہ ڪندو

هجي، جن تي جهنم واجب ٿي چڪو هو.

(مسندِ ابويعليٰ جلد3 ص235،291، حديث:3471،3421)

## عذابِ قبر کان محفوظ

تاجدارِ مدينہ سلطانِ مڪہٴ مڪرمہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن يا شَبِ جمعہ (يعني جمعي ۽ خميس جي وچين رات) مرندو عذابِ قبر کان بچايو ويندو ۽ قيامت جي ڏينهن ائين اٿندو جو ان تي شهيدن جي مهر هوندي.

(حلية الاولياء جلد3 ص 181، حديث:3629)

## جمعي کان ٻئي جمعي تائين گناهن جي معافي

حضرت سيدنا سلمان فارسي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي تہ سلطان دوجهان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن وهنجي ۽ جيتري قدر طهارت (يعني پاڪيزگي) جي طاقت هجي بجا آڻي ۽ تيل لڳائي ۽ گهر ۾ جيڪا خوشبو هجي اها هڻي پوءِ نماز جي لاءِ نڪري ۽ ٻن ماڻهن جي وچ ۾ جدائي نہ ڪري يعني ٻہ ماڻهو وينا هجن انهن کي هٽائي وچ ۾ نہ ويهي ۽ جيڪا نماز ان جي لاءِ لکي وئي آهي پڙهي ۽ امام جڏهن خطبو پڙهي تہ خاموشي سان ٻُڌي، ان جي لاءِ انهن گناهن جي، جيڪي هن جمعي ۽ ٻئي جمعي جي درميان ڪيا هوندا اهي بخشيا ويندا.

(بخاري شريف جلد1 ص206،حديث:883)

## حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو تذڪرو

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! هاڻي اوهان جيڪا حديث پاڪ ٻڌي ان جا راوي (يعني بيان ڪرڻ وارا) حضور اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا

عظمت وارا صحابي سيدنا سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ آهن. صحابهٔ كرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پيار جو اظهار هن فرمانِ عاليشان سان ڪن ٿا ته "جيڪو مون سان محبت ڪري ٿو ان ڪي گهرجي ته اهو منهنجي اصحابن (عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) سان محبت ڪري."

(تفسير قرطبي جلد6 ص203)

سندن ڪنيت ابو عبدالله آهي. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ حضور انور صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا آزاد ڪيل غلام آهن، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ فارسي نسل مان آهن، فارس جي شهر اصفهان جي علائقي جا رهاڪو هئا، دين جي تلاش ۾ ديس ڇڏي پرديسي بڻيا، پهريان عيسائي بڻيا انهن جي ڪتابن جو مطالعو ڪيو، ڏاڍيون تڪليفون برداشت ڪيون ايسيتائين جو انهن کي ڪجهه غريبن غلام بڻائي ورتو ۽ يهودين جي هٿ وڪڻي ڇڏيو، سندن کي مڪاتب بڻايو ويو. حضور انور صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو "مالِ ڪتابت" (يعني آزادي جو طئي ٿيل مال) ادا ڪري آزاد ڪري ڇڏيو، پاڻ ڌهن ڪان وڏيڪ آقائن وٽ پهتا ايسيتائين جو حضور انور صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين اچي پهتا.

(مرأة المناجيح جلد8 ص33)

"مُڪاتَب" اُن غلام کي چوندا آهن جنهن پنهنجي آقا کان مال جي ادائيگي جي بدلي آزادي جو معاهدو ڪيو هجي.

(جوهره جزء 2ص142 مُلَخّصاً)

## آزادي کانپوءِ سمورن غزوات ۾ شرڪت

حضرت سيدنا سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ غلامي جي زنجيرن ۾

جڪڙيل هئڻ جي ڪري غزوهٔ بدر ۽ اُحد ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا، پوءِ ٿي سؤ ڪجيءَ جي وڻن ۽ چاليهہ اوقيہ چاندي جي عيوض آزادي حاصل ڪيائون ۽ هڪ جان نثار مجاهد جيان باقي تمام غزوات ۾ حصو ورتائون. (ابن عساکر جلد21 ص388.389 ملخّصاً)
غزوهٔ خندق ۾ خندق کوٽڻ جي صلاح بہ ڪين ئي ڏني هئي.

(طبقاتِ ابن سعد جلد2 ص51)

## سيّدنا سلمان فارسي جي شان

سرورڪونين صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان سيدنا سلمان فارسي رَضِيَ اللّٰه عَنْهُ جي بي پناهہ محبت هئي، پنهنجي وقت جو اڪثر حصو دربارِ رسالت ۾ گذاريندا هئا ۽ فيضانِ مصطفٰي سان مالامال ٿيندا ها، ان جي بدلي ۾ بارگاهِ رسالت مان سَلْمَانُ مِنَّا اَهْلَ الْبَيْت يعني سلمان اسان جي اهلِ بيت مان آهي. (مسند بزار جلد13 ص140،حديث:6534) جهڙي خوشبري ٻڌڻ جي سعادت ماڻي، هڪ ٻئي جڳهہ تي هن عظيم بشارت سان سرفراز ٿيا جو ”جنت سلمان فارسي جي مشتاق (يعني آرزومند) آهي.

(ترمذی، ج۔ ۵، ص۔ ۴۳۸، حديث ۳۸۲۲)

## سادگيءَ جي نرالي حڪايت

رسول ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وفات ڪانپوءِ سيدنا سلمان فارسي رَضِيَ اللّٰه عَنْهُ هڪ عرصي تائين مديني شريف ۾ قيام فرمايو پوءِ عمر فاروق رَضِيَ اللّٰه عَنْهُ جي دور ۾ ”عراق“ ۾ رهائش

پذير ٿيا. ڪجهه عرصي کانپوءِ حضرت عمرِ فاروق رَضِیَ اللہ عَنۡہُ سندن کي ”مَداين“ جو گورنر مقرر ڪري ڇڏيو. گورنري جي اهم ۽ وڏي عهدي تي فائز هئڻ جي باوجود پاڻ نهايت سادگي سان زندگي گذاريندا هاۦ هڪ ڏينهن ”مداين“ جي هڪ بازار مان گذري رهيا هئا تہ هڪ اڻ ڄاتل ماڻهوءَ سندن کي مزدور سمجهي پنهنجو سامان کڻڻ جي لاءِ چيوۦ پاڻ خاموشي سان سامان کڻي ان جي پويان پويان هلڻ لڳا. ماڻهن ڏنو تہ چيائون: اي صحابيءِ رسول! اوهان هي بار ڇو کنيو آهي؟ ڏيو اسان ٿا کڻي هلون. سامان جو مالڪ وائڙو ٿي ويوۦ پوءِ نهايت شرمندو ٿي معافي جو طلب گار ٿيو ۽ سامان لاهڻ گهريو پر ڪين فرمايو: مون تنهنجو سامان کڻڻ جي نيت ڪئي هئيۦ هاڻي ان کي تنهنجي گهر تائين پهچائي پوءِ ئي ساهي پٽندس.

(طبقاتِ ابن سعد جلد4 ص66)

## سڀ پگهار مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيندا ها

حضرت سيدنا سلمان فارسي رَضِیَ اللہ عَنۡہُ راهِ خدا ۾ تمام گهڻو خرچ ڪرڻ پسند ڪندا هئا جيئن تہ بطورِ پگهار چار يا پنج هزار درهم ملندا ها پر سڀ پگهار مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيندا ها ۽ پاڻ کهجور جي پنن مان ڇبيون ناهي ڪجهه درهم ڪمائيندا ها ۽ انهيءَ تي پنهنجو گذر بسر ڪندا ها.

(طبقاتِ ابن سعد جلد4 ص25)

اللّٰهُ رَبُّ الۡعِزّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

ہمیں عزت عنایت ہو کبھی بھی خوار مت کرنا
خدا! سلمان کا صدقہ، ہماری مغفرت کرنا

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 200 سال جي عبادت جو ثواب

پنهنجي امت سان پيار ڪرڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو جمعي جي ڏينهن وهنجي ان جا گناهه ۽ خطائون مٽايون وينديون آهن ۽ جڏهن جمعي نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ هلڻ شروع ڪيو تہ هر قدم تي ويهہ نيڪيون لکيون وينديون آهن. (معجم ڪبير جلد18 ص139،حديث:392) ٻي روايت ۾ آهي: هر قدم تي ويهہ سالن جو عمل لکيو ويندو آهي ۽ جڏهن نماز کان فارغ ٿئي ٿو تہ ان کي ٻہ سؤ سالن جي عمل جو اجر ملندو آهي.

(معجم اوسط جلد2 ص314،حديث:3397)

## مرحوم والدين کي هر جمعي عمل پيش ٿيندا آهن

غمزدن جا غم دور ڪرڻ واري خوش اخلاق آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: سومر ۽ خميس تي اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ عمل پيش ڪيا ويندا آهن ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۽ ماءُ پيءُ جي اڳيان هر جمعي تي. اهي نيڪين تي خوش ٿيندا آهن ۽ انهن

جي چهرن جي صفائي ۽ چمڪ وڌي ويندي آهي، پوءِ الله پاڪ کان ڏٻجو ۽ پنهنجن فوت ٿيلن کي پنهنجن گناهن جي ذريعي رنجيده نہ ڪيو.

(نوادرالاصول جلد2ص260)

## جمعي جا پنج خاص عمل

حضرت سيدنا ابوسعيد رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان مروي آهي، رحمت عالم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: پنج شيون جيڪو هڪ ڏينهن ۾ ڪندو الله پاڪ ان کي جنتي لکي ڇڏيندو. (1) جيڪو مريض جي عيادت ڪرڻ وڃي (2) جنازي جي نماز ۾ حاضر ٿئي. (3) روزو رکي (4) جمعي جي نماز جي لاءِ وڃي ۽ (5) غلام آزاد ڪري.

(الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان جلد4 ص191،حديث:2760)

## جنت واجب ٿي وئي

حضرت سيّدنا ابوامامہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ سلطانِ دوجهان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن جمعي جي نماز پڙهي، ان ڏينهن جو روزو رکيو، ڪنهن مريض جي عيادت ڪئي، ڪنهن جنازي ۾ حاضر ٿيو ۽ ڪنهن نڪاح ۾ شرڪت ڪئي تہ جنت ان جي لاءِ واجب ٿي وئي.

(معجم ڪبير جلد8 ص98،حديث:7484)

## صرف جمعي جو روزو نہ رکو

خاص ڪري اڪيلي جمعي يا صرف ڇنڇر جو روزو رکڻ

مڪروهِ تنزيهي آهي، ها جيڪڏهن ڪنهن خاص تاريخ تي جمعو يا ڇنڇر اچي ويو تہ ڪراهت ناهي. مثال طور 15 شعبان المعظم، 27 رجب المرجب وغيره. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جمعي جو ڏينهن توهان جي لاءِ عيد آهي ان ڏينهن روزو نہ رکو پر هي تہ ان کان پهريان يا بعد ۾ بہ روزو رکو.“

(الترغيب والترهيب جلد2ص81، حديث:11)

## ڏهہ هزار سالن جي روزن جي برابر

سرڪارِ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جمعي جي ڏينهن يعني جڏهن ان سان گڏ خميس جو يا ڇنڇر جو روزو بہ شامل هجي، تہ روايت مطابق ڏهہ هزار سالن جي روزن جي برابر آهي.

(فتاويٰ رضويه مُخرّجه جلد10 ص253)

## جمعي جو روزو ڪڏهن مڪروهہ آهي

جمعي جو روزو هر صورت ۾ مڪروهہ ناهي، مڪروه صرف انهيءَ صورت ۾ آهي جڏهن ڪو خاص ڪري جمعي جو روزو رکي. جمعي جو روزو ڪڏهن مڪروهہ آهي؟ هن حوالي سان فتاويٰ رضويہ (مُخَرَّجہ) جلد 10 جي صفحي559 مان سوال ۽ جواب ملاحظہ فرمايو، سوال: عالم سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ڇا ٿا فرمائن تہ جمعي جي ڏينهن نفلي روزو رکڻ ڪيئن آهي؟ هڪ شخص جمعي جو روزو رکيو ٻئي ان کي چيو جمعو عِيدُالۡمُؤمنين (يعني مسلمانن جي عيد) آهي روزو رکڻ ان ڏينهن ۾ مڪروهہ آهي ۽ زور ڀري منجهند کانپوءِ روزو ٽوڙائي

چڏيو..... **جواب:** جمعي جي ڏينهن خاص ان نيت سان ته اڄ جمعي جو ڏينهن آهي هن جو روزو خاص ڪري رکڻ توڙي جو مڪروهه آهي پر ان ڪراهت جو اهو مطلب ناهي ته روزو ٽوڙيو وڃي، ۽ جيڪڏهن خاص ڪري خصوصيت جي نيت نه هئي ته بلڪل به ڪراهت ناهي، ان شخص کي جيڪڏهن مڪروهه جي نيت جي خبر نه هئي ته پوءِ اعتراض ڪرڻ ئي بيوقوفي ٿيو، ۽ روزو ٽوڙائي ڇڏڻ شريعت تي ايڏي دليري، ۽ جيڪڏهن خبر به هئي تنهن هوندي به مسئلو ٻڌائي ڇڏڻ ڪافي هو نه اهو جو روزو ٽوڙائڻ، ۽ اهو به منجهند ڪانپوءِ، نفلي روزو ٽوڙائڻ جو اصل اختيار والدين ڪانسواءِ ڪنهن کي ناهي، ٽوڙڻ وارو ۽ ٽوڙائڻ وارو ٻئي گناهگار ٿيا، ٽوڙڻ واري تي قضا لازمي آهي ڪفارو بلڪل به ناهي. وَاللّٰهُ تَعَالٰی اَعۡلَمُ

## مدني حليوڏسي متاثرٿيا

جمعي جي ڏينهن مختلف نيڪين جو ثواب حرص جي وڌائڻ، درود ۽ سلام جي ڪثرت ڪرڻ جو جذبو اپنائڻ جي لاءِ "دعوتِ اسلامي" جي مدني ماحول سان هردم وابسته رهو. اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ "مدني بهار" پيش ڪجي ٿي: جيئن ته ڍهرڪي (ضلعو گهوٽڪي، باب الاسلام سنڌ) جو هڪ اسلامي ڀاءُ مدني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان بدمعاشي ۽ گرل فرينڊز جي چڪر ۾ مبتلا هو. ڏينهن ڏسندو هو نه رات! سائونڊ سسٽم تي وڏي آواز سان خوب گانا ٻڌندو هو، گهر وارا سمجهائيندا ها

پر اهو هڪ ڪن ڪان ٻڌي ٻئي ڪان ڪڍي ڇڏيندو هو. هڪ ڏينهن ڪنهن جڳهه تي پنهنجي دوستن سان وينو هو تہ نعت شريف پڙهڻ جو آواز ٻڌو جيڪا ان کي ڏاڍي پسند آئي، اهو آواز جي طرف روانو ٿيو اجتماعِ ذڪر ۽ نعت ۾ پهتو جتي سفيد لباس، مٿي تي سائو عمامو شريف ۽ اڇي چادر پائي، زلفن ۽ ڏاڙهي وارو نعت خوان نعت شريف پڙهي رهيو هو. ان جي دل جي دنيا بدلجڻ لڳي ۽ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو منهنجي تہ کهڙي نہ عجيب زندگي آهي! زندگي جو اصلي مزو تہ هي وني رهيا آهن جيڪي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عشق ۾ انهن جي سنتن تي عمل ڪن ٿا. ان اجتماعِ ذڪر ۽ نعت ۾ ويني ويني نماز پڙهڻ جي سچي نيت ڪري ورتي ۽ پڙهڻ بہ شروع ڪري ڏني. پوءِ ان جي ڪنهن سڄاڻڻ واري دعوتِ اسلامي جي اڳواڻي ۾ ٿيڻ واري رمضان المبارڪ جي اعتڪاف ۾ ويهڻ جي ترغيب ڏياري، اهو تہ اڳ ۾ ئي دعوتِ اسلامي وارن جو عاشق هو، جلدي مان راضي ٿي ويو. اعتڪاف ۾ هڪ ڪلام پڙهيو ويو ”ڪاش کہ! ميں دنيا ميں پيدا نہ ہوا ہوتا“ جنهن کي ٻڌي انهن تي رِقّت طاري ٿي وئي، پوءِ عصر ڪانپوءِ فڪرِآخرت جي حوالي سان بيان ٿيو تہ ان جي دل گناهن کان بيزار ٿي وئي، انهن پوين گناهن کان پڪي توبہ ڪري ورتي. ان ڪانپوءِ چهري تي ڏاڙهي، مٿي تي زلف ۽

عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه اعتڪاف ڪان پوءِ پنهنجي علائقي ۾ ”صداءِ مدينه“ لڳائيندي مسلمانن کي فجر جي نماز جي لاءِ جاڳائڻ لڳو. دعوتِ اسلامي جو ديني ڪم ڪندي هڪ حلقي جو ذميدار به بڻيو.

گیت گانے کی عادت نکل جائے گی
مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
بے حیائی کی خصلت بھی ٹل جائے گی
مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائل بخشش (مرمم)ص۔ ۶۴۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جمعي تي ماءُ پيءُ جي قبر تي حاضري

اسان گناهگارن جي شفاعت فرمائڻ واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوش گوار آهي: **جيڪو** شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجي والدين يا ان مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري، الله پاڪ ان جا گناه بخشي ڇڏيندو ۽ ماءُ پيءُ سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ وارو لکيو ويندو.

(معجم اوسط جلد4 ص321، حديث:6114)

## والدين جي قبر تي يٰسين شريف پڙهڻ جي فضيلت

”**جيڪو** شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجي والدين يا ان مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري ۽ انهن وٽ **سورة يٰسين** پڙهي ته بخشيو ويندو.

(الڪامل في ضعفاء الرّجال جلد6 ص260)

## ٽي هزار مغفرتون

رحمتِ ڪونين، ناناءِ حسين جو فرمانِ عاليشان آهي: **جيڪو** شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجي والدين يا ان مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري اتي **يٰسين** شريف پڙهي، **يٰسين** شريف ۾ جيترا حرف آهن انهن سڀني حرفن جي ڳڻپ برابر الله پاڪ ان جي لاءِ مغفرت فرمائيندو.

(اتحاف السادات جلد14 ص272)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هر جمعي تي فوت ٿيل والدين يا ان مان ڪنهن هڪ جي قبر تي وڃي **يٰسين** شريف پڙهڻ واري جو تہ بيڙو ئي پار آهي.

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه **يٰسين** شريف ۾ 5 رڪوع 83 آيتون 729 جملا ۽ لڳ ڀڳ 3000 اکر آهن اِنۡ شَآءَاللّٰه تقريباً ٽي هزار مغفرتن جو ثواب ملندو.

**فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو شبِ جمعہ (يعني جمعي ۽ خميس جي وچين رات) يٰسين شريف پڙهي ان جي مغفرت ٿي ويندي.** (الترغيب والترهيب جلد1 ص298)

## روح جمع ٿيندا آهن

جمعي جي ڏينهن روح جمع ٿيندا آهن تنهنڪري ان ڏينهن تي قبرن جي زيارت ڪرڻ گهرجي ۽ ان ڏينهن جهنم کي ناهي ڀڙڪايو ويندو. (دُرِّمُختار جلد3ص39) سرڪارِ اعلٰي حضرت امام احمد

رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قبرن جي زيارت جو افضل وقت جمعي جي ڏينهن فجر جي نماز کانپوءِ آهي.

(فتاويٰ رضويه مخرّجه جلد9 ص523)

## جمعي جي ڏينهن سُورَةُ الكَهْف پڙهڻ واري جي مغفرت

صحابي ابن صحابي حضرت سيدنا عبدالله بن عمر رَضِىَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي: نبيءِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن **سُوْرَةُ الْكَهْف** پڙهي ان جي قدمن کان وٺي آسمان تائين نور بلند ٿيندو جيڪو قيامت جي ڏينهن ان جي لاءِ روشن ڪيو ويندو ۽ ٻن جمعن جي وچ ۾ جيڪي گناهه ٿيا اهي بخشيا ويندا.

(الترغيب والترهيب جلد1 ص298، حديث:2)

## ٻنهي جمعن جي وچ ۾ نور

حضرت سيدنا ابو سعيد رَضِىَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، حضور پرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ نور عليٰ نور آهي تہ: ”جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن **سورة الكهف** پڙهي ان جي لاءِ ٻنهي جمعن جي درميان نور روشن ٿيندو.

(السنن الكبريٰ للبيهقي جلد3 ص353، حديث:5996)

## ڪعبي شريف تائين نور

هڪ روايت ۾ آهي: ”جيڪو شخص سُوْرَةُ الْكَهْف جمعي ۽ خميس

جي وچين رات پڙهي ان جي لاءِ اتان کان ڪعبي شريف تائين نور روشن ٿيندو.“

(دارمي شريف جلد2 ص546،حديث:3407)

## سوره حٰمٓ الدُّخان جي فضيلت

اسان گنهگارن کي رب کان جنت ڏيارڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجو فرمانِ جنت نشان آهي: جيڪو جمعي جي ڏينهن يا جمعي جي رات سُورَةُ الدُّخان پڙهي ان جي لاءِ الله جنت ۾ هڪ گهر بڻائيندو.

(معجم ڪبير جلد8 ص264،حديث:8026)

هڪ روايت ۾ اهو بہ آهي تہ: ان جي مغفرت ٿي ويندي.

(ترمذي شريف جلد4 ص407،حديث:2898)

## ستر هزار ملائڪن جو استغفار

الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ڏيڻ واري پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”**جيڪو** شخص رات ۾ **سُوۡرَةُ الدُّخان** پڙهي تہ صبح ٿيڻ تائين ان جي لاءِ ستر هزار (70000) ملائڪ استغفار ڪندا.

(ايضاً جلد4ص406،حديث:2897)

## جمعي جو فجر کان پهريان استغفار جي فضيلت

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن فجر جي نماز کان پهريان ٽي ڀيرا اَسْتَغْفِرُ اللهَ الَّذِىْ لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ، وَاَتُوْبُ اِلَيْهِ[1] پڙهي

[1] ...ترجمو: مان الله پاڪ کان مغفرت جو سوال ڪريان ٿو جنهن کان سواءِ ڪوئي معبود ناهي ۽ مان انهيءَ جي طرف رجوع ڪريان ٿو.

ان جا گناھ بخشيا ويندا جيتوڻيڪ سمنڊ جي جھڳ ڪان وڌيڪ ھجن.

(معجم اوسط جلد5ص392،حديث:7717)

## جمعي جي نماز ڪانپوءِ

الله ڪريم سيپاري 28 سُوۡرَةُ الۡجُمُعه جي آيت نمبر10 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانۡتَشِرُوۡا فِی الۡاَرۡضِ وَ ابۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِ اللّٰهِ وَ اذۡكُرُوا اللّٰهَ كَثِیۡرًا لَّعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ ﴿۱۰﴾

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ جڏھن نماز ٿي چڪي تہ زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ الله جو فضل تلاش ڪريو ۽ الله کي گھڻو ياد ڪريو ھن اميد تي تہ من ڪامياب ٿيو.

صدر الافاضل حضرت علامہ مولانا سيد محمد نعيم الدين مرادآبادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ھن آيت جي حوالي سان ”تفسير خزائن العرفان“ صفحي نمبر 1025 تي فرمائن ٿا: ھاڻي (يعني جمعي جي نماز ڪانپوءِ) توھان جي لاءِ جائز آھي تہ روزي ۽ روزگار جي ڪمن ۾ لڳي وڃو يا طلبِ علم يا مريض جي عيادت يا جنازي ۾ شريڪ يا عالمن جي زيارت يا اھڙي قسمن جي ٻين ڪمن ۾ مشغول ٿي نيڪيون ماڻيو.

## جمعي جا مستحبات

❖ جمعي جي نماز جي لاءِ اڳ ۾ وڃڻ، ❖ مسواڪ ڪرڻ، ❖ صاف سٿرو ۽ اڇو لباس پائڻ، ❖ تيل لڳائڻ ۽ خوشبو لڳائڻ ۽ پھرين صف ۾ ويھڻ مستحب آھي ۽ غسل سنت آھي.

(عالمگيری جلد1ص149،غنيه ص559)

## جمعي جي غسل جو وقت

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪجھ علماءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا تہ غسل، جمعي جي نماز جي لاءِ سنت آهي نہ وري جمعي جي ڏينهن جي لاءِ. تنهنڪري جن تي جمعي جي نماز ناهي انهن جي لاءِ هي غسل سنت ناهي. ڪجھ علماءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا تہ جمعي جو غسل جمعي جي نماز جو وقت ويجھو اچڻ مهل ڪيو ايسيتائين جو ان جي وضو سان جمعو پڙهو پر مضبوط قول اهو آهي تہ جمعي جي غسل جو وقت طلوعِ فجر کان شروع ٿي ويندو آهي. (مرأة المناجيح جلد2 ص334)

معلوم ٿيو تہ عورت ۽ مسافر وغيره جن تي جمعو واجب ناهي انهن جي لاءِ جمعي جو غسل بہ سنت ناهي. جن تي جمعو فرض آهي پر ڪنهن شرعي عذر جي سبب جمعو فرض نہ رهيو، تہ انهن تي جمعي جي ڏينهن ظهر جي نماز معاف ناهي اها پڙهڻي پوندي.

## جمعي جو غسل سنتِ غير مؤڪده آهي

حضرت علامہ ابنِ عابِدين شامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جمعي جي نماز جي لاءِ غسل ڪرڻ سنن زوائد (يعني غيرمؤڪده) مان آهي ان جي ڇڏي ڏيڻ تي ملامت ناهي.

(ردّالمُحتار جلد1ص339)

## خطبي ۾ ويجھو ويهڻ جي فضيلت

حضرت سَيِّدُنا سَمُرَہ بِن جُنْدُب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان مروي آهي، حضور

اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: خطبي جي وقت حاضر رهو ۽ امام جي ويجهو ويهو انڪري جو انسان جيتري قدر پري رهندو ايتري قدر جنت ۾ پوئتي رهندو جيتوڻيڪ اهو (يعني مسلمان) جنت ۾ ضرور داخل ٿيندو. (ابوداؤد جلد1ص410، حديث:1108) جنت ۾ پوئتي رهڻ مان مراد هي آهي تہ جنت ۾ داخل ٿيڻ ۾ يا جنت جي درجن ۾ پوئتي رهندو.

## پوءِ جمعي جو ثواب نہ ملندو

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو جمعي جي ڏينهن ڳالهہ ٻولهہ ڪري جڏهن تہ امام خطبو ڏئي رهيو هجي تہ ان جي مثال ان گڏهہ جيان آهي جيڪو ڪتاب کنيل هجي ۽ ان وقت جيڪو ان کي هي چوي تہ "خاموش رهہ تہ ان کي (يعني خاموش رهہ" چوڻ واري کي) جمعي جو ثواب نہ ملندو.

(مسند امام احمد جلد1ص494،حديث:20339)

## خاموشي سان خطبو ٻڌڻ فرض آهي

جيڪي شيون نماز ۾ حرام آهن مثال طور کائڻ پيئڻ، سلام ۽ سلام جو جواب ڏيڻ وغيره هي سڀ خطبي جي حالت ۾ بہ حرام آهن ايسيتائين جو اَمرِبِالْمَعْروف (يعني نيڪي جو حڪم ڪرڻ بہ حرام آهي)، ها خطيب اَمر بِاالْمَعْروف (يعني نيڪي جو حڪم) ڪري سگهي ٿو. جڏهن خطبو پڙهي، تہ تمام حاضرين تي ٻڌڻ ۽ خاموش رهڻ فرض آهي، جيڪي ماڻهو امام کان پري هجن جن تائين خطبي جي آواز نہ پهچندي هجي انهن کي بہ خاموش رهڻ واجب آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي بري ڳالهہ ڪندي

ڏسو تہ هٿ يا مٿي جي اشاري سان روڪي سگهو ٿا زبان سان روڪڻ ناجائز آهي.

(بهارِ شريعت جلد1ص774،درمختار جلد3ص39)

## خطبو ٻڌڻ وارو درود پاڪ نٿو پڙهي سگهي

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو مبارڪ خطيب ورتو تہ حاضرين دل ۾ درود شريف پڙهن، زبان سان پڙهڻ جي اُن وقت اجازت ناهي، ائين ئي صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي ذڪرِ پاڪ تي ان وقت رَضِيَ اللهُ عَنْهُم زبان سان چوڻ جي اجازت ناهي.

(بهارِ شريعت جلد1 ص775، درمختار جلد3ص40)

## نڪاح جو خطبو ٻڌڻ بہ واجب آهي

جمعي جي خطبي ڪان علاوه ٻين خطبن جو ٻڌڻ بہ واجب آهي مثال طور عيدن جو خطبو ۽ نڪاح جو خطبو وغَيرهُما.

(دُرِّ مختار جلد3 ص40)

## پهرين آذان ٿيندي ئي ڪاروبار بہ ناجائز

پهرين اذان ٿيندي ئي (جمعي جي نماز جي لاءِ وڃڻ جي) ڪوشش (شروع ڪرڻ) واجب آهي ۽ خريد و فروخت وغيره انهن شين جو جيڪي ڪوشش جي خلاف هجن ڇڏي ڏيڻ واجب. ايسيتائين جو رستي تان هلندي جيڪڏهن خريد و فروخت ڪئي تہ اهو بہ ناجائز ۽ مسجد ۾ خريدوفروخت تہ سخت گناهہ آهي ۽ ڪاڌو ڪائي رهيو هو تہ جمعي جي اذان جو آواز آيو جيڪڏهن اهو انديشو هجي تہ ڪائيندو تہ جمعي جي

نماز نڪري ويندي تہ ڪاڏو ڪائڻ ڇڏي ڏئي ۽ جمعو ادا ڪرڻ لاءِ وڃي. جمعي جي لاءِ اطمينان ۽ وقار سان وڃي.

(بھارِ شریعت جلد1ص775، عالمگیری جلد1ص149، دُرِّمختار جلد 3 ص42)

اڄڪلھ علمِ دين کان دوري جو دور آهي، ماڻھو ٻين عبادتن جيان خطبو ٻڌڻ جھڙي عظيم عبادت ۾ بہ غلطيون ڪري ڪيئي گناهَ ڪن ٿا، تنھنڪري مدني التجاء آهي تہ وڌ کان وڌ نيڪيون ڪمائڻ جي لاءِ هر جمعي تي خطيب صاحب آذان کان پھريان خطبي جي منبر تي اچڻ کان اڳ ۾ هي اعلان ڪري:

## ”بِسمِ اللّٰه“ جي ستن حرفن جي نسبت سان خطبي جا 7 مدني گل

❖ فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنھن جمعي جي ڏينھن ماڻھن جا ڪنڌ اورانگھيا ان جھنم واري پاسي پل بنايو.“ (ترمذي شريف جلد2 ص48،حديث:513) ان جي هڪ معنٰي هي آهي تہ ان تي چڙهي چڙهي ماڻھو جھنم ۾ داخل ٿيندا.

(حاشيه بھارِ شریعت جلد1ص761کان762)

❖ خطيب ڏانھن منھن ڪري ويھڻ صحابہ جي سنت آهي. تنھنڪري جيڪي صفن جي ساڄي ۽ کابي پاسي ويھن ٿا اهي خطيب جي منبر جي طرف مڙي وڃن.

❖ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم فرمائن ٿا: دوزانو (جيئن التَّحِيَّات ۾ ويھبو آهي ائين) ويھي خطبو ٻڌي، پھرين خطبي ۾ هٿ ٻڌي، ٻئي خطبي ۾ سٿرن تي هٿ رکي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه ٻن رڪعتن جو ثواب ملندو.

(مرأة المناجيح جلد2ص338)

❖ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خطبي ۾ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو مبارڪ ٻڌي دل ۾ درود پڙهو جو زبان سان خاموشي فرض آهي.

(فتاويٰ رضويه مُخرّجه جلد8 ص325)

❖ "دُرّمختار" ۾ آهي: خطبي ۾ کائڻ پيئڻ. گفتگو جيتوڻيڪ سُبۡحٰنَ اللّٰه چوڻ، سلام جو جواب ڏيڻ يا نيڪي جي ڳالهه ٻڌائڻ حرام آهي.

(دُرِّمختار جلد3ص39)

❖ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خطبي دوران هلڻ حرام آهي. ايستائين جو عالم سڳورا فرمائن ٿا: ته جيڪڏهن اهڙي وقت آيو جو خطبو شروع ٿي ويو ته مسجد ۾ جتي جڳهه ملي اتي ئي ويهي رهي، اڳتي نه وڌي جو اهو عمل تيندو ۽ خطبي جي دوران ڪوبه عمل جائز ناهي.

(فتاويٰ رضويه مُخرّجه جلد8 ص333)

❖ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خطبي ۾ ڪنهن ڏانهن ڪنڌ ڦيرائي ڏسڻ (به حرام) آهي.

(ايضاً334)

## اهو دعوتِ اسلامي ۾ ڪيئن آيو؟

جمعي جي فضيلتن مان گهڻو نفعو ماڻڻ ۽ منقول قرآني سورتون پڙهڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ "دعوتِ اسلامي" جي مدني ماحول سان هردم وابسته رهو. اچو هڪ "مدني بهار" ٻڌو ۽ جهومو: دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان "واه ڪينٽ" جو انوجوان اسلامي ڀاءُ به

ڪيترن ئي ٻين نوجوانن جيان موبائل فون جو شوقين هو، پنهنجي موبائل تي گانا ٻڌندو، رات جو دير تائين دوستن سان گڏجي بدمعاشي ڪندو هو، دير سان سمهندو هو جنهن جي سبب دير سان اٿندو هو، فجر ۽ باقي نمازون بہ قضا ڪري ڇڏيندو هو. والدِ صاحب وفات ڪري چڪا هئا، امڙ جي سمجهائڻ تي سمجهندو نہ هو، ان جي پاڙي ۾ ڪجھ دعوتِ اسلامي وارا رهندا هئا جن ان تي انفرادي ڪوشش ڪئي تہ اوهان عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ ”فيضانِ مدينہ“ ۾ اعتڪاف ڪيو، اتي گھڻو ڪجھ سکڻ لاءِ ملندو جنهن ۾ نماز جو صحيح طريقو، قرآنِ پاڪ صحيح پڙهڻ وغيره شامل آهي. ائين ئي اهو پنهنجي شهر جي مدني مرڪز”فيضانِ مدينہ“ جي اندر اعتڪاف ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، ۽ جڏهن اعتڪاف کان پوءِ واپس موٽيو تہ اَلْحَمْدُلِلّٰه گناهن کان توبہ ڪري چڪو هو، نماز پڙهڻ لڳو ۽ پنهنجي والده محترمہ جو فرمانبردار بہ بڻجي ويو، ذيلي مشاورت جي نگران جي حيثيت سان دعوتِ اسلامي جو ديني ڪم ڪرڻ جي سعادت بہ ملي.

بھائی گر چاہتے ہو نمازیں پڑھوں — مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
نیکیوں میں تمنا آگے بڑھوں — مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف


صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! — صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

### جسم کي ڪمزور ڪرڻ واريون شيون

طبيب چون ٿا هي شيون بدن کي ڪمزور ڪري سگھن ٿيون: فڪر ۽ غم گھڻو ڪرڻ، نيراڻو گھڻو پاڻي پيئڻ ۽ ڪٿيون شيون ڪثرت سان کائڻ.

(احْياءَ الْعُلُوم مع اتحاف، 686/5 ماخوذا)

ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net